CS (Main) Exam : 2014

SINDHI

(Arabic)

(COMPULSORY)

*Time allowed : **Three Hours***

Maximum Marks : 300

QUESTION PAPER SPECIFIC INSTRUCTIONS

Please read each of the following instructions carefully before attempting questions :

All questions are to be attempted.

The number of marks carried by a question is indicated against it.

Answers must be written in **SINDHI (Arabic script)** *unless otherwise directed in the question.*

Word limit in questions, wherever specified, should be adhered to and if answered in much longer or shorter than the prescribed length, marks may be deducted.

Any page or portion of the page left blank in the Question-cum-Answer Booklet must be clearly struck off.

سوال ١ - هيٺين مان ڪنهن به هڪ وشيه تي اٽڪل 600

لفظن ۾ مضمون لکو :- 100

(الف) راڄنيتي ۾ عورتن جو رول.

(ب) ڇا ڀارت کي چين جي آرٿڪ اُنتيءَ کان ڊڄڻ گهرجي؟

(پ) ڀارتيه سماج ۾ طلاقن کي قبول ڪرڻ ۾ تيزيءَ واڌ.

(ٻ) ڇا سخت قانون ذريعي نيتڪتا برپا ٿي سگهندي؟

سوال 2 - هيٺ ڏنل نثر ويچار سان پڙهو، ۽ پوءِ اُن جي هيٺان

ڏنل سوالن جا جواب پنهنجي ٻوليءَ ۾ صاف ۽ ٿوري

لفظن ۾ لکو:-

60 = 5 x 12

عالمي سطح تي انسان جي لڏپلاڻ گهڻيئي صديون

اڳ شروع ٿي، جڏهن ماڻهن گهڻن ئي سببن ڪري ٽولين جي

روپ ۾ هڪ علائقي کان ٻئي علائقي طرف وڃڻ شروع ڪيو، -

جيئن ته چاري جي ڳولها ۾ آباد زمين جي تلاش ۾ وڃڻ،

ظلمن ۽ عذابن کان بچي نڪرڻ، ويچارن ۽ وشواسن جي آزادي

چاهڻ، يا فقط گهمڻ ڦرڻ جي شوق ڪري جدا جدا هنڌن تي

وڃڻ. لڏي ايندڙ ماڻهو پنهنجي سانسڪرتڪ وراثت پاڻ

سان گڏ آڻين ٿا ۽ اُن کي مارگ تي يا نئين رهائشي بستيءَ ۾

وڪسٽ ڪرڻ جي ڪوشش ڪن ٿا. لڏپلاڻ جي مارگ تي آهي

ٻين قبيلن سان مقابلو ڪن ٿا. انهن جو جنگ، واپار يا شادي ۽
يا گڏجي ڌنڌي واپار ذريعي ٻين سان سنبنڌ جڙيا ٿو. شروع
۾ ڪجھ ٽائيم وارو دؤر هلجي ٿو، پوءِ جڏهن شانتيءَ جو
ماحول بڻجي ٿو ته ڪلائن ۽ هنرن جو وڪاس ٿئي ٿو. ان
بعد ڏي - وٺ جو سنبنڌ بڻجي ٿو. تڏهن آزاد ماحول ۾
ڪنهن به هڪ سنسڪرتيءَ جي پرمکه بڻجڻ کان سواءِ ٿي،
هر هڪ قبيلو، الڳ الڳ سماج جي روپ ۾ وڪسٽ ٿئي ٿو.

اِن طرح منگوليا جا ماڻهو الاسڪا ۾ پهتا هوندا،
اينگلو - سيڪسن ماڻهو برٽين ۾ پهتا هوندا، شايد اِن
طرح موريز چوند ماڻهن کي پاڻ سان وٺي ڪئناڊا پهتو
هوندو. شايد ان طريقي سان ڪولمبس يوروپ جي ٽين
قومن کي پاڻ سان وٺي، عالمي سفر تي نڪتو هوندو. اِن
طرح نيون نيون ڪالونيون برپا ڪرڻ جو طريقو پوءِ ٻين
ملڪن کي ۽ ٻين سنسڪرتين کي جيتڻ جو ذريعو بڻيو.
اَج عالم ڌنڌو - واپار ڪرڻ هڪ آهڙو زبردست مقصد آهي،
جنهن جي ڪري ماڻهو وڏي پيماني تي هڪ ملڪ مان لڏي
وڃي ٻئي ملڪ ۾ رهن ٿا. اِهي سڀ جدا جدا سنسڪرتين
جا پاڻ ۾ گڏجي وڃڻ جا مثال آهن. هر هڪ سماج پنهنجي
آبن - ڏاڏن جي وراثت کي ڪافي وقت پاڻ وٽ سنڀالي رکي ٿو،
يا پنهنجي پراڻين رهائشي علائقن کي ياد ڪري ٿو، پر اهو
سڀ ٿوري وقت لاءِ يا هڪ - ٻن پيڙهين تائين قائم رهي ٿو.

اُن بعد پرائين يادگيرين يا سنبنڌن جو نالو نشان گم ٿي وڃي ٿو. شايد هڪ صدي گذرڻ بعد، اهو ٿي سگهي ٿو ته دنيا جا ماڻهو پنهنجي آڳاٽن رهائشي علائقن جا سنبنڌ به مشڪل سان ياد رکي سگهندا. توهين جتي رهو ٿا، اُهو علائقو پوءِ توهان جو بڻجي وڃي ٿو. پوءِ توهين اُنهيءَ نئين بستيءَ جي ماحول جي پيٽ ۾ هري ٿا وڃو. مطلب ماڻهو عالمي ماحول ۾ سمائجي ٿو وڃي. اهڙا ماڻهو تمام ٿورا وڃي بچندا جيڪي پنهنجي آڳاٽي پهچان قائم رکي سگهندا. نئين ويوستا هر هنڌ کي پنهنجو نئون روپ ڏيئي ڇڏيندي. اڄ عالم نيون پيڙهيون هميشه پڇمه طرف ڏسنديون رهن ٿيون. اُنهن ۾ گم ٿيل پنهنجي پرائي سڃاڻپ کي ياد رکڻ جي ڀاونا نه رهي آهي. ڇو ته انسان يا ڪا به سنسڪرتي گهڻي وقت تائين پنهنجو الڳ وجود قائم رکي نه سگهندي. مرڪز ڏانهن ڇڪيندڙ يا مرڪز کان پري هٽائيندڙ طاقتون هميشه وقت جاري رهنديون. هزارين پيڙهين پرماتما کان اها دعا گهري هوندي ته هنن جي سماج ۾ اهڙا شخص پيدا ٿين جيڪي ڌارين آڏو ڪان آجا هجن. پر آسمان کي اها نه جاڻ آهي ته اهو ڪيترو ناممڪن آهي. انسان چاهي ڪيترو نه الڳ يا آزاد رهڻ چاهي، پر ڪيس ٻئي جو سهارو وٺڻو

پوي ٿو. هر جاندار جي پيدائش جا جزا (جينس)، ڊي-اين-اي ۽ آر-اين-اي پاڻ ۾ اکين جي پلڪ ۾ بدل آهن. هرهڪ نسل کي معلوم آهي ته هن کان اڳ ڇا ٿيو آهي؟ شرير، من ۽ آتما تي بين جو اثر پوڻ لازمي آهي. آٽحاٽائي زمان ڊپ پيدا ٿئي ٿو، ڊپ مان نفرت پيدا ٿئي ٿي، نفرت مان آتم-وشواس ناس ٿي وڃي ٿو، ۽ اهو انسان کي ڳراوٽ ۽ موت ڏانهن وٺي وڃي ٿو. گهٽين ۾ پراچين سڀيتائن ۾ سنسڪرتين جو آڳاٽي زماني ۾ ران طرح اَنت ٿيو هوندو. زندهه رهڻ لاءِ هرهڪ شاخص کي بيٺي کي آپنائڻو ٿي پوندو، پوءِ چاهي اُهو پيو دوزخ ۾ ڇو نه هجي؟

سوال :- (الف) لڏپلاڻ ڪندڙ ماڻهو، نئين رهائشي علائقي جي ماڻهن سان ڪيئن پهريئن ڪيئن ڳهنار ڪن ٿا؟ 12

(ب) پراچين ڪال ۾ لڏپلاڻ جا ڪهڙا سبب هئا؟ اڄ جي عالم واري زماني ۾ لڏپلاڻ جي سببن کان الڳ قسم جا ڪيئن آهن؟ 12

(پ) جدا جدا سنسڪرتيون پاڻ ۾ ڪيئن گڏجي وڃن ٿيون؟ 12

(ٻ) پراچين سنسڪرتين جو انت ڪيئن ٿيو هوندو؟ 12

(ڀ) ليکڪ اهڙين ڇو ٿو چوي ته ڪنهن به سنسڪرتيءَ جو الڳ رهڻ ممڪن نه آهي؟ 12

سوال 3 - هيٺ ڏنل تحرير جو سارُ انهيءَ جي آخر ۾ هڪ پاڪتي ٻي حصي ۾ لکو. انهيءَ تحرير جو سِرو لکڻ جي ضرورت نه آهي. 60

جڏهن اسين ڪنهن نوڪريءَ لاءِ عريضي لکون ٿا، تڏهن اسين گهڻو ڪري پنهنجيءَ لياقت، آزمودي وغيره جون سٺيون ۽ شفي ڳالهيون بيان ڪريون ٿا. گهڻيئي ماڻهو عريضي لکندي پنهنجي زندگيءَ جي اوڻاين، مشڪلاتن وغيره کي لڪائي ڇڏيندا آهن ۽ فقط پنهنجين حاصلاتن ۽ گڻن جي واکاڻ ڪندا آهن. نوڪريءَ ۾ رکندڙ شاخص جڏهن اهڙيون عريضيون پڙهندا آهن، تڏهن اهو محسوس ڪندا آهن ته هرڪو عريضي ڪندڙ پاڻ کي هڪ مهان شاخص جي روپ ۾ پيش ڪري رهيو آهي.

انهيءَ سلسلي ۾ راندين جي جڳت مان هڪ حقيقي واردات جو هتي ذڪر ڪجي ٿو. هڪ يونيورسٽي فوٽ بال ٽيم پاڻ کي چست ڪرڻ لاءِ ڊوڙڻ جو اڀياس ڪري رهي هئي. هڪ رانديگر کي لاٺين مٿن جو ڪم مليل هئو. اهو فوٽ بال ٽيم ۾ سڀني ۾ تيز ڊوڙندڙ هئو. هڪ ڏينهن هو پنهنجي ڪوچ وٽ ويو ۽ کيس عرض ڪيائين ته جيڪي تيز ڊوڙندڙ رانديگر آهن، تن سان هو ڊوڙڻ جي چٽاڀيٽي ڪرڻ چاهي ٿو. ڪوچ کيس خوشيءَ سان اها اجازت ڏني.

لاڳيتو مان هر روز ڊوڙ ۾ شامل ٿيندو هئس، پر هر دفعي هو سڀني کان ڊوڙ ۾ آخر ۾ رهندو هئس. اِن طرح هو هر روز هارائيندو هئس. ڇوڪري کي اِنهيءَ تي عجب لڳو، هن ٻار کان سوال ڪيو ته هيءُ لاڳيتو مان هر روز تون ڊوڙندڙن سان شامل ٿيڻ چاهين ٿو، پر هر دفعي سڀني کان پٺتي رهين ٿو. آخر هي ڊيڻ هن ڪان ڀڄايئين،" تون اِهو پسند ڇو نٿو ڪرين ته ٻين لاڳيتو مين سان گڏ ڊوڙي ۽ ڊوڙ ۾ پهرين نمبر اچين؟"

ڇوڪري کي جڏهن فوٽ بال راند ڪندڙ جيڪو جواب ڏنو تنهن کيس عجب ۾ وڌو. هن وراڻيو، "مان هتي ڊوڙ ۾ اِن ڪري حصو نٿو وٺان ته مان سڀني کان اڳتي پهچي ڊوڙ ۾ کٽان. مون کي خبر آهي ته مان پهرين نمبر اچي سگهان ٿو. پر مان هتي فقط اِن ڪري ڊوڙان ٿو ته مان تيز ڊوڙڻ جو اڀياس ڪريان. تو هان ڏٺو هوندو ته مان هر روز فقط ٿوري ننڍي مفاصلي تان ڊوڙ ۾ هارائيندو آهيان. مان چاهيان ته پهرين نمبر اچي سگهان ٿو."

هن مثال مان اسان کي آتمڪ اُنتيءَ جو رهسيه سمجهڻ گهرجي. دنيوي ڪمن ۾ اسين سڀني کان اڳتي ۽ بهترين نموني ٿيڻ چاهيندا آهيون. پر آتمڪ اُنتيءَ جي مارگ ۾ اسين پرماتما جي اڳيان پاڻ کي لڪائي نٿا سگهون. اسان جي اُنتي پرماتما جي اڳيان هڪ ٻلبل

ڪتاب آهي. آسٽريليا جو دارومدار اسان جي ايمانداريءَ سان ڪيل ڪوشش تي مدار رکي ٿو. اسين پنهنجي آسٽريليا پاڻيءَ جي سچائي پرماتما کان لڪائي نه سگهنداسين.

فٽ بال جي رانديگر کي معلوم هئڻ ته هو ماضيءَ ۾ حاصل ڪيل پنهنجي ڪاميابين جي آڌار تي هاڻي ڪو سڌارو نه ڪري سگهندو. هن کي معلوم هئڻ ته هو پاڻ کي جيئڻ جهڙو ڪري اُن جي آڌار تي ئي هاڻي سڌارو ڪري سگهندو. پنهنجين ڪمزورين کي ڌيان ۾ رکندي، هاڻي هو اُنهن کي سڌاري سگهندو. فٽ بال رانديگر اهو ڄاڻيو پئي ته ٻيا رانديگر ڇا پيا ڪن؟ اُنهن کي ڄاڻيندي هو پنهنجي ڪمين کي دور ڪري، لياقت کي وڌائي سگهندو. اِن طرح ڪيڏو نه هو هر روز ٿوري مفاصلي تائين جائي وائي هارائيندو رهيو. اسين جڏهن پنهنجين ناڪامين ڏانهن نهاريون ٿا، تڏهن اسان کي معلوم ٿئي ٿو ته ڪامياب ٿيڻ لاءِ اسان کي هر روز ڇا ڪرڻ گهرجي. اِن طرح آخر اهو ڏينهن ايندو، جڏهن اسان جون ناڪاميون سڀ ختم ٿي وينديون ۽ اسان مڪمل طور ڪامياب ثابت ٿينداسين.

آسين پرماتما کان پنهنجيون ناڪاميون لڪائي نه سگهنداسين، جيڪو آسان بابت سڀ ڪجهه ڄاڻي ٿو. جڏهن پرماتما ڏسي ٿو ته آسين ايمانداريءَ سان پنهنجيون ناڪاميون دور ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهيون، تڏهن هو آسان جي ايمانداريءَ واري ڪوشش کي قبول ڪري ٿو. تڏهن هو آسان تي ڪرپا - درشٽي ڪري ٿو. پرماتما آسان تي مهر جي نظر ڪري ٿو جيئن آسين اوڻايون دور ڪري، اُنتيءَ جي راهه تي اڳتي ۽ اڳتي وڌي سگهون.

20 سوال - 4. هيٺ ڏنل نثر جو سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪريو:-

Most people involved in the film production industry know that there is a constant evolution. The change is in the way movies are made, discovered, marketed, distributed, shown, and seen. Following independence in 1947, the 1950s and 60s are regarded as the 'Golden Age' of Indian cinema in terms of films, stars, music and lyrics. The genre was loosely defined, the most popular being 'socials', films which addressed the social problems of citizens in the newly developing state. In the mid-1960s, camera technology revolutionized the documentary method by enabling the synchronized recording of image and sound. Today, CINEMA 4D users are free to create scenes without worrying about the size of objects or how many objects are in the scene, shaded settings, texture size, multipass-rendering or eye-catching particle systems.

Until the 1960s, film-making companies, many of whom owned studios, dominated the film industry. Artistes and technicians were either their employees or were contracted on a long-term basis. Since the 1960s, however,

most performers went the freelance way, resulting in the star system and huge escalations in film production costs. Financing deals in the industry also started becoming murkier and murkier, since then. According to estimates, the Indian film industry has an annual turnover of ₹ 60 billion. It employs more than 6 million people, most of whom are contract workers as opposed to regular employees. In the late 1990s, it was recognized as an industry.

More money impacted the perception, visual representation, and definitions of reality. Like any other media of mass communication, the themes are relevant to their times.

Thus, film-making became more expensive and riskier. As opposed to the time of the Gemini Studios, when only 5 percent of a movie was shot outdoor, film-makers often select overseas locations in order to create greater realism, manage costs more efficiently or source people and props. Film-makers spend considerable time scouting for the perfect location.

سوال-5 - هيٺ ڏنل ٽڪرو انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪريو:- 20

هاسيه يا مذاق انسانن، حالتن يا شين جي هڪ اهڙي خاصيت آهي، جيڪا وندر جي ڀاونا کي جنم ڏيندي ٿي. انهيءَ لفظ اندر وندر يا انساني وهنوار جو اهو روپ شامل آهي، جيڪو ڀاونائون پيدا ڪري ٿو، جيڪي انسان کي کلائين ٿيون يا کين خوشي ڏين ٿيون.

آلوچنا، وياکيا يا پرکه جي هڪ ريت آهي. رچناتمڪ آلوچنا اظهار جو اهو روپ آهي، جنهن ۾ آلوچڪ غير-اختياري واري طريقي سان ٻئي جي وهنوار کي درست ڪرڻ چاهي ٿو. ان موجب هو عام طور چترائيءَ سان ٻئي شخص کي اهو محسوس ڪرائي ٿو

نه ھو اُھو ڪو ڪم ڪري رھيو آھي، جيڪو سماجي لحاظ کان غلط آھي. اھو ڪنھن کي حڪم ڏيڻ يا ڪنھن جي بي عزتي ڪرڻ بدران ھڪ رچناتمڪ طريقو آھي. ان سان سانتيڪي ۽ نرم طريقي سان ڀٽي کي درست ڪري سگھجي ٿو.

آلوچڪ 'طنز' يا 'وينگ' جو ٻه سھارو وٺندو آھي. ان ۾ طنز يا ٽوڪ سان گڏ مذاق ٻه ھوندو آھي. طنز جو مقصد بنيادي طور مذاق نه آھي؛ پر اھا ھڪ چتراڻي ۽ واري نموني ڪنھن شخص يا سماج جي آلوچنا آھي.

طنز يا وينگ ھڪ ساھتيڪ پارڀاشڪ شبد آھي. ان جو ھڪ خاص مقصد ھوندو آھي، جيڪو ڪو شخص يا سماج يا وياپار، يا ڪا سنستا يا ڪا سماجي ريت رسم ھوندي آھي.

جاچارڻ نه طنز ۾ عنصر ۽ مذاق ٻئي گڏ ھوندا آھن، پنھ ڪري اُھو گھڻي قدر اثر ڪرڻ وارو ۽ ٽوڪ ڀريو ھوندو آھي. اھو اھڙو ڪلاتمڪ اظھار آھي، جنھن ۾ انسان جون برايون، غلطيون، اوڻايون ڪڍي انھن جي ننڊا ڪئي ويندي آھي، جنھن جو مقصد گھٽ ڪري درستي يا سڌارو ڪرڻ ھوندو آھي. ساھتيه ۾ ناٽڪ طنز ۽ مذاق جا مکيه ذريعا آھن. پر فلمن، چترڪلا، راجنيتڪ ڪارٽونن وغيره ذريعي ٻه انھن جو اظھار ڪيو ويندو آھي. آلوچڪ يا طنز ڪندڙ اُھو انسان آھي جيڪو ھر ھڪ ھنڌ غلطيون ڏسي ٿو، پر ان جي اظھار جو طريقو ڪاوڙ يا غصي بدران نرماڻي ۽ پريو ھنسي - مذاق آھي.

سوال 6 - (الف) هيٺ ڏنل پهاڪن جي معنيٰ لکو ۽ پوءِ اُهي جملن ۾ ڪتب آڻيو:-

15

(i) مينهن پنهنجي ڪارنهن ڏسي ڪانه،
ڳانءِ کي چوي تہ هل رڙيا پاڇ ڪاري!

(ii) گدڙ ڏاک نہ پڄي، آکي ٿو کٽا.

(iii) اکر نہ ڪٿي، مڪر ڪٿي.

(iv) ڏکہ سکن جي سونهن، گهوريا سکہ ڏکن ري

(v) لولي چُلهيا ڪتڻ کان، ناچڻ لڳس بار.

(ب) هيٺ ڏنل محاورن جي معنيٰ لکو ۽ پوءِ اُهي جملي ۾ ڪتب آڻيو:-

15

(i) پيٽ تي لت ڏيڻ

(ii) اکہ پڄڻ

(iii) اُميد وارِ هئڻ

(iv) آنڌي ننڊي ۾ هئڻ

(v) هٿ وڏا هئڻ

(ب) هيٺ ڏنل لفظن جون صفتون (وشيشڻ) لکو:- ۱۵

(i) جبل

(ii) بحري

(iii) رڇ

(iv) آتما

(v) روح

(پ) هيٺ ڏنل لفظن جي اسم ذات (ڀاو واچڪ سنگيا) لکو:- ۱۵

(i) سائو

(ii) انسان

(iii) شريف

(iv) وڏو

(v) گهٽجو